# هيءَ ذرتي

**Title:** Heya Dharti (This Earth)
**Genere:** Poetry
**Author:** Tanveer Abbasi
**First Edition:** March 1985,
Published by Mohammed Ibrahim Joyo for
Sindhi Adiban Ji Sahkari Sangat,
8-3, Manzoor Chambers, Gadi Khato, Hyderabad Sindh.
**Typesetting:** Sarmad Abbasi, November 2019
**Typesetting Software:** ArabTex (copyright Klaus Lagally)
**Copyrights:** All writings of Tanveer Abbasi are copyright free as long as his writings are produced in the original form.

This book can be downloaded from
www.tanveer-abbasi.org

**ٽائٽل:** هيءَ ڌرتي ( شاعري )
**ليڪ:** تنوير عباسي
**پهريون ڇاپو** : ١٩٨٥ع
محمد ابراهيم جويو
سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد سنڌ
**ڪمپوزنگ:** سرمد عباسي، نومبر ٢٠١٩ع
**سافٽوير:** عرب ٽيڪ ( Arabtex ) جنهن جا حق ۽ واسطا پروفيسر ڪلس لگالي وٽ محفوظ
**حق ۽ واسطا:** ڪليل آهن پر تنوير جي لکڻين ۾ ڪنهن به قسم سان بدلائي نه ٿو سگهجي.

**هي ڪتاب**
www.tanveer-abbasi.org
**تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو**

تنوير عباسيءَ جي لکڻين جا حق ۽ واسطا ( copyrights ) هن جي انساني اصولن مطابق کليل آهن. تنهن هوندي به هن جي ڪتابن کي وري ڇپرائڻ ۽ مناسب قيمت تي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ اجا ڪافي ڪم بچيل آهي.

ڪتاب جي ڇپرائڻ ۾ هڪ مشڪل ڪم ان جي ڪمپوزنگ آهي. ان لاءِ هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪيل ڪاپي به سڀني لاءِ کلي رکي آهي. هي پورو ڪتاب پي ڊي ايف ( PDF ) جي صورت ۾ انٽرنيٽ تي موجود آهي.

ڪنهن به پرنٽنگ پريس، پبلشر يا فرد کي کلي اجازت آهي ته هو هن ڪتاب کي شايع ڪري. مان صرف اها اميد ڪندس ته جيڪي دوست هي ڪتاب وري ڇاپيندا سي اها به ڪوشش ڪندا ته تنوير جون تحريرون ماڻهن تائين مناسب قيمت ۾ پهچن. هنن تحريرن کي وري ڇپڻ ۽ انهن کي ورهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي به ڪنهن کان اجازت وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

هي ڪتاب مون عرب ٽيڪ ( ArabTex ) ۾ ڪمپوز ڪيو آهي. مان پروفيسر ڪلس لگالي ( Prof. Klaus Lagally ) جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن نه صرف دنيا کي عرب ٽيڪ جهڙو سافٽوير بنا معاوضي جي ڏنو آهي پر ان ۾ سنڌي به شامل ڪئي آهي.

سرمد عباسي.

This book was typeset using ArabTex, a typesetting system produced by Klaus Lagally. I am greatful to Prof. Lagally for making this system freely available for everyone to use. Documentation and other information on how to use ArabTex can be found at the following website:

http://www.informatik.uni-stuttgart.de/ifi/bs/research/arab_e.html

Sarmad Abbasi

### A Note About Copyrights

The poetry and all the writings of Tanveer Abbasi are copyright free. Any one is free to publish his writings as long as they do not modify, change or alter his writings.

This particular typesetted version is also copyright free. Any publisher, printing press or individual is free to make copies or republish this work and distribute it.

In case, anyone plans to publish this book in high volume, I would be grateful to assist them in reformating of this document.

Sarmad Abbasi

# هيءَ ڌرتي

(شاعري)

تنوير عباسي

Faut-il crier? faut-il créer?
Qui donc nous crée en cet instant?
Et contre la mort elle-méme n'est-il que de créer?

*Amers*–**Saint-John Perse**

روئجي يا تخليق ڪجي؟
هن گهڙيءَ اسان مان ڪير تخليق ڪندو؟
موت جو جواب تخليق ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟
” اميرس “ - **سينٽ جان پرس**

موتي پرڪاش

۽

ڪلا پرڪاش جي نالي

## مان ڪو ڪورو ڪاغذ ناهيان

مان ڪو ڪورو ڪاغذ ناهيان
جنهن تي چاهيندين جو ـ لکندين.

ٻار جي ڦرهي ناهيان جنهن ڪي،
ميساريندو، لِکندو رهندين.

اڻ ڊهندڙ تحرير مان آهيان
۽ پنهنجي تقدير مان آهيان،
مان آهيان هڪ ازلي ليک
منهنجي اک ۾ سچ جو تيک

## شرم ٻوٽي

شرم ٻوٽي ڇهُڻ ساڻ ڪومائجي -
توکي هٿ لايان تو، تون ٽڙي تي پوين.

مان ڪو مضراب آهيان ۽ تون ساز ڇڻ
جو ڇُهڻ ساڻ هڪدم ڇڙي تي پوين.

هير جان ننڊ مان توکي جاڳايان تو
۽ تون مڪڙيءَ وانگر ٽڙي تي پوين.

سج جي روشنيءَ جو جهٽي اولڙو
چوڏهينءَ چنڊ وانگر ڪِڙي تي پوين.

## گگدامن تي ڪهل ڪيو

نندي هوندي ٻڌندو هوس،
ماڻهو چوندا هئا،
جانورن تي ڪهل ڪريو ـ
انجمنون ٺاهيندا هئا
گهوڙن گڏهن کي مارڻ وارن تي
ڪيس ڪندا هئا ـ

اڄڪلهه چوواٽن تي، ميدانن ۾
انسانن کي لڳن پيا چهبڪ
اهڙا ڪي ماڻهو آهن جي
چئي سگهن
انسانن تي ڪهل ڪيو ـ
ـ گگدامن تي ڪهل ڪيو!

پنهنجا مٽ چڪائيو
پنهنجا مڏ مچائيو

زخم ٻيا سڀ اکين تي
گهورن ساڻ نہ گهائيو

پرينَ ڪان جي پور ملن
سڀ چشمن تي چائيو

هاڻ تہ سوڪهڙو آهي
هاڻ تہ مينهن وسائيو

شعر لکي جيڪي ”تنوير“
اوهان انهن کي ڳائيو.

کونج جھڙي ڳچي
ڊيل جان تور آ

وار پنيا پنل
رنگ ئي اَور آ

پاڻ خاموش ءِ
شهر ۾ شور آ

پير پنهنجا ڏسي
جي ڪوئي مور آ

دل ۾ آهي اُهو
دل جو جو چور آ

هٿ پنهون ٿا ڪڇن
هيءُ پنيور آ

## هائيڪو

چهرو ڪاوڙيل
۽ ڪالر تي ڪوٽ جي
ٽِڙندڙ گل لڳل.

---

مينهن پيو ڦُڙ ڦُڙ
پڙهيم ويٺي شاعري
ٽيو ڪانون جو لُڙ.

## الطاف

تو سوا هيءَ زندگي
چڻ ته لوهر جو دڪان
هر گهڙي ٻر ۽ ٻيي

مان نه ساريان هڪ گهڙي
جنهن ۾ پڃري ڪينَ جان
تو سوا هيءَ زندگي
چڻ ته لوهر جو دڪان

هر گهڙي هڪ مترڪو
هرڪو پل سنداڻ آ
تون هليو وئين ايئن چو
هر گهڙي هڪ مترڪو

درد ڪيئن تيندو جهڪو
وقت سورن کاڻ آ
هر گهڙي هڪ مترڪو
هرڪو پل سنداڻ آ

## الطاف

هو پيار تہ پنهنجو نيائي ويو
پر مون کي رڻ ۾ رُلائي ويو
هن گهَاوَ تہ پنهنجا ڪين ڏٺا
پر سنڌ سڄيءَ کي گهائي ويو

هو وڻندڙ هئو، هو خوب هئو
هو مٺڙو هئو هو محبوب هئو
اڄ نظرن کان محجوب ٿيو
منهنجي اکڙين کي تہ سِڪائي ويو

لُڙڪن سان ڪيئن هي داغ ڌهن
سُڏڪن سان ڪيئن هي سور لهن
سي عمر سموريءَ لاءِ ڳهن
هو پيچ جني سان پائي ويو

سهٽا گل اڱ ۾ پٽجن ٿا
سونا سنگ پهرين ڪٽجن ٿا
سامي نہ گهٽو ڪٿ ترسن ٿا
هو راز اِهو سمجهائي ويو

ايڏيون ٿو جدايون ڪري جاني
جو ڪين قبولي مهماني
هئي تَيار پئي مون وٽ ماني
هو پنهنجو ماڳ مٽائي ويو

ڇا هيءُ ٻه هن جو ماٺو هو
ڇا هيءُ ٻه ضد ٻاراٺو هو
هو ماٺهو موتيءَ داڻو هو
جو سنڌ سڄي جرڪائي ويو

ڪنهن ڏک ۾ اڪيلو ڪين ڇڏيئين
هر دور ۾ منهنجو ساٿ ڏنئين
اڄ پنهنجي اڪيلي واٽ وٺئين
هن وياڪل من کي گهائي ويو

ڇو ايڏو جلدي هو اُسهيو
ڇو ايڏو ٿورو وقت رهيو
هو ماڪ جي ٻوند نه ڪين هيو
جو پل ۾ مُنهنڙو مٽائي ويو

هوءَ ڪهڙي رات اُماس هئي
جا چنڊ اسان جو ويئي ڳهي
اوندهه ڪري واسو ويهي رهي
منهن پنهنجو چنڊ لڪائي ويو

اڄ ياد ۾ جنهن جي نيڻ ٽمن
اڄ پل پل جنهن جا پور پون
اڄ تَنهن جون ڳالهيون ياد اچن
هئو جيسين سپن ڪي کِلائي ويو

مان ڪيئن ڪريان مان ڪاڏي وڃان
سڪ هن مان لٿي هئي ڪين اڃان
مان ڪيئن مڃان مان ڪيئن مڃان
هو مون کان پاند ڇڏائي ويو

## الطاف

هن پيري ته بهار ۾ گوندر گونچ ڪديا
اندر ۾ الطاف جا ور ور وڏ پيا
پِيلا گل ٽڙيا من ۾ مونجهن پاڙ هنئي

هن پيري ته بهار ۾ نسريا آهن سور
ساروٽين سلا ڪڍيا پاڙون هنيون پور
من نه سمجهي مور، پل پل لڙڪ لڙي پون

هن پيري ته بهار ۾ ڦُٽي پيا ڦٽ
گهاو مليا، جن کي ڪڏهن لَٿي نه وقت جي لَٽ
اندر آ برپٽ، ٻاهر چاهي - ڪجهه نه آ

پل پل تو ريءَ تڙ جان ڇپي وڃي تو ياءُ
تنهنجي وڇوڙي لاءِ ئي ڇا مون کي ڄڻيو ماءُ!
ڪاتي تنهنجيون ڳالهڙيون ڪاتي تنهنجو ساءُ
تنهنجو هڪڙو گهاءُ لک زخمن کان وڌ لڳي

پيا ٽا چاڪ چڪن چڪندا رهندا عمر ڀر
تنهنجي لاءِ سِڪن جي اهي پلا ڪيئن ڪن
خوابن ۾ ئي ٿي سگهي ٿو تنهنجو درشن
هڪڙو هڪڙو ڪن توريءَ تياس تو لڳي

**الطاف**

پرين ويا پرڏيھہ
اسان هن ڏيهہ کي ڪُوڙو پانيون

سامي پهتا ماڳ تنهين
ناهي جنهن جو ڇيهہ
اسان هن ڏيهہ کي ڪوڙو پانيون

مون لئہ باقي آ بچي
سندي پيرن کيهہ
اسان هن ڏيهہ کي ڪوڙو پانيون

تو جو ڏيهہ وسائيو
سڀ جو آ ساٿيهہ
اسان هن ڏيهہ کي ڪوڙو پانيون

توکي وڻون يا ڪينَ وڻون ته به
جهڙا آهيون تهڙا آهيون

ڏاڍا ياڳن وارا آهيون
پاٽياريءَ سر ٻهڙا آهيون

ڪجهه ڏينهن لئه ياد ڪنديءَ تون
تنهنجي جسم تي رهڙا آهيون

مينهن! پلي وس، وس وس هاڻي
سالن جا سوڪهڙا آهيون

ماضيءَ تي تا پاڻ پڌايو
حال ۾ ڪهڙا آهيو

شتر مرغ جان واريءَ ۾ چو
پنهنجو منهن تا لِڪايو

پيالو مون ته پريو آهي پر
هٿ اوهان به وڌايو

پوئتي ڏسندي اڳتي وڌبو
ڪيئن پلا، سمجهايو

ماضيءَ تي تا پاڻ پڌايو
حال ۾ ڪهڙا آهيو

**مان هتان جو ناهيان**

مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
هيءُ ماڻهو اجنبي
هيءُ مٽي اوپري

هي ڪڙيون، جي منهنجي پيرن ۾ ڏسو ٿا
سي هنن ماڻهن جي ذهنن جا وڪڙ آهن
تير، جي سيني ۾ منهنجي ويا کُپي
سي هنن جون تيز نظرون
رت جيڪو منهنجي زخمن مان وهي ٿو
سو هنن جو قُوت آ

مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
مان ڪٿان جو آهيان؟

مان اُتان جو آهيان
جت هڪبئي جي سوچ
هڪبئي لئه گلن جو هار آ
جت مُرڪ جي ديويءَ جو راڄ
جت ٽهڪڙن جا ٻار ٽا رانديون رمن
جت عشق جي پيڙي سدائين
حسن جي لهرن جي پينگهي ۾ لڏي
جت خوشيون چٽڱائِي تيلين جَان ڏکن جي
جهنگ ۾ جهرمر ٽيون ڪن

هي شهر آهي ڪو ديون جو شهر
جنهن ۾ چرڪن چوڪريون
جنهن ۾ ٻارن جون رڙيون
ٻاٽ اوندهه ۾ جتي ٽيون ٽيل لئمپ جان
پوت جون اکيون ٻرن ـ
(اٽپورو)

مان ئي آهيان پنهنجو جاني
سبحاني ما اعظم شاني

ٻن چيزن ري سڀڪجهه فاني
تنهنجو حسن ۽ منهنجي جواني

پيار ئي آهي ڳٽ ڳچيءَ جو
پيار ئي آهي ڳچيءَ جي ڳاني

نانهه ۾ ڳولي هستي پنهنجي
دل ديواني دل ديواني

اکڙين منجهه ڦُٽا ڪانڊيرا
دل جي واٽن تي ويراني

پيار اڳيان ٻَئي بي معنيٰ ٿيا
چا دانائي چا ناداني

سدائين ائين ڪين گهبرائبو آ
ڪُليءَ دل سان ڪڏهن ته ڳالهائبو آ

نه شوخن سان دل کي ڪو اٽڪائبو آ
جي اٽڪائبو آ ته پڇتائبو آ

ٻين جي اڳيان جيئن شرمائجو ٿا
اسان جي اڳيان ايئن نه شرمائبو آ

سڄي عمر پڙهبو پيو آ سبق هڪ
پنو عشق جو ڪين اُٿلائبو آ

زبان مان جڏهن ڪو اکر ڪين اُڪلي
انهي وقت اکين سان ڳالهائبو آ

اوهان سان رڳو دل کي وندرائبو آ
نه کٽبو ئي آهي نه هارائبو آ

ڪڏهن دشمنن ۾ به ڊپ ناهي ٿيندو
ڪڏهن دوستن ۾ به گهبرائبو آ

تڏهن شعر " تنوير " لکبو آ پاڻهئي
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوئي کائبو آ

## راڪ رول

ناچ ۾
دائرا
گول گول
سِر ۾ آ
ڪو خمار
راڪ رول
راڪ راڪ رول رول
راڪ رول

ٻانهن چيلهه ۾ نه وجهه
هڪ قدم اڳتي ڪڻ
هڪ قدم پريرو
هڪ قدم پوئتي
مان وٺان توکي، تون
مون کي وٺ
ساز ساڻ سُر ملاءِ
۽ سنيالي پير کڻ
ايترو نه ويجهو اچ
۽ نه ايڏو ٿي پري
توڙي تنهنجي دل چوي
ته ٻه نه لاءِ مون ڳري
ٿورو ٿورو فاصلو
آ ضرور
ٿورو ويجهو
ٿورو دور

منهنجي سامهون هجين
پوءِ ٻه مون کي ڳول ڳول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول راڪ رول راڪ رول

منهنجي لئه تون مڃ، جو
سيءَ ۾ ٻري پيو
پر جي ويجهو تو اچان
تو سڙي وڃي وجود
۽ اگر پري ٿيان
ڇانئي روح تي جمود
ٿورو ٿورو فاصلو
ٿورو ٿورو قرب آ
جيترو ٻه ٿي سگهي
اوترو قريب آءُ
توتان اول گهول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول راڪ رول
راڪ رول

**درد ئي آهي مسيحا**

درد ئي آهي مسيحا
” قم باذني “ چئي اٿاري
تو ڪئي مُردا جياري
درد پيغمبر ـ اُنهي جو معجزو آهي سجاڳي!

ننڊ موت جي پيڻ
لوليون ڏيئي سماري
اسرندڙ قومن جا ٻار
ڪي ڳهرجن
ننڊ ڪن ڪي
ڪي وجن سڪرات ۾
موت جهڙي سانت ۾

درد هڪڙو شور
چڻ ڪو رعد جو رڙڪو هجي
ٻاٽ اوندهہ ۾ مظلوم جي ڪا چيٽ
جنهن سان
ڳهريل
ننڊ ۾ ستل
سڪرات ۾ ورتل
يَرن هڪ چرڪ ۽ جاڳي پون
” قم باذني “ جي ٻڌن

درد ئي آهي مسيحا
” قم باذني “ چئي اٿاري
تو ڪئي مُردا جياري
درد پيغمبر ـ اُنهي جو معجزو آهي سجاڳي!

اوهان سڀ ڀڙاڏا ٻڌو ٿا
مگر سڏ ٻڌو ئي نہ ٿا
اوهان سڀ ڏسو ٿا رڳو عڪس
پر روشنيءَ ڏي ڏسو ئي نہ ٿا
اوهان ڊوڙو ٿا روز پاڇن جي پويان
حقيقت ڏي ليڪن اچو ئي نہ ٿا
هيءَ خوابن جي دنيا، هيءَ خيالن جي دنيا
اُنهي ڪان اڳي ڇو وڃو ئي نہ ٿا!

## ابديت

هڪڙو سهڻو گل گلابي
پٽي، نيپوڙي، چيپاٽي ۽ چيٿاڙي
اڇليو ويو آ مٽيءَ ۾
اڳ ۾ هئي خوشبو ان ۾ پر
چيپاٽڻ ۽ نيپوڙجڻ کان پوءِ
هڪارن جون هيرون آيون
خشبوءَ جا اوهارا آيا
جيڪي ڌرتيءَ جي گولي کي
ويڙهي ويا

گل ته مٽيءَ منجهه ملي ويو،
ليڪن ان جو واس
ابد تائين پيو لهرائيندو.

## ڌرتي ماتا

ڌرتي ماتا
پختا تي ويا
توسان ناتا

تنهنجي ٽاڪ تي رات ڪٽي سين
تنهنجي مٽي نرڙ کي لائي
اوندهه جي سَڪرات ڪٽي سين
پنهنجي آتِي آتِي ڇاتي
تنهنجي ڇَاتيءَ ساڻ ملائي
توکي ڏاڍو ياڪر پائي
سمهي پياسين درد دٻائي
جيئن ڪو ننڍڙو ننڍڙو ٻالڪ
ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ منهن پنهنجو
پوَ ڪان ڇڏيندو آهي لڪائي

اوندهه جي سَڪرات هجي پل
تنهنجي وائي هوندي وات
دل ۾ هوندو تنهنجو درد
تنهنجي سورن جي سوغات

آهيون تولئه آتا
ڌرتي ماتا!
پختا تي ويا
توسان ناتا.

(خيرپور جيل - ١٦ آڪٽوبر، ١٩٧٩ع)

لوهي سيخن ڄمي وڻين مان گذري
هير سرهاڻ کڻي آئي آ
درد ڄمي جهنگ ۾ تنهنجي منهَن جي
اُجري چانڊاڻ کڻي آئي آ

درد جي رات ڏڳهي آهي ته ڇا
چنڊ نِڪري ٿو ٽڙن ٿا تارا
تات تنهنجي ٿي سيئي درد ڏکي
مرڪ مرڪن ٿا سدا دل وارا

قيد ڪوٺن ۾ ڪڏهن ذهن رهيا
هير ۾ سوچ جي خوشبو گهُلندي
ڦهلجي ويندي جا هر وسعت ۾
ديس جي هرڪا گهٽي واسيندي

(سکر سينٽرل جيل - ٢٨ آڪٽوبر، ١٩٧٩ع)

اميتيشن جي پٿرن وچ ۾ سچو موتي ٿو شرمائي
مورک ماڻهن جي مجلس ۾ شاعر ڪيئن ڪو شعر ٻڌائي

شهر تي ديون جو آ قبضو ماڻهو ماڻهو پنڊ پهڻ ٿيو
جادو ٽٽندو، ٽٽندو، نيٺ ته ٽٽندو، ليڪن ڪڏهن اَلائي

ٽاڪ منجهند جو سج گرهڻ ٿي پکي هليا ويا واهيري ۾
اوندهه آهي، رات نه آهي، پوءِ ڀي ڇو ٿي دل گهٻرائي

چنڊ تي ماڻهوءَ پير رکيو آ تارن ڏي ٿو تاڙي هاڻي
درسنين سان هاڻ نه سگهندو ڪو ڀي من جو رام ريجهائي

جيڪو گدرو خوشبو ڏيندو سي کان اڳ ۾ ٻڌرا ٿيندو
پڪل ميوو ڪيئن پلا سرهاڻ ڏيڻ کان پاڻ بچائي

منهنجي جهوليءَ ۾ گل آهن
تنهنجي هٿ ۾ پٿر آهن

دل جو حال نہ لکجي سگهبو
ڪورا سارا ڪاڳر آهن

هاڻ نہ ڳوڙها اگهجي سگهبا
نيڻ سمورا ساگر آهن

ڳيرا ڦِرندي ڪرندا پٽ تي
بندوقن جا فائر آهن

او  الله جا تصور

تو ۾ سيڪجھ آهي -
تقدس، قهر، جبر ۽ رحم
تنهنجا نوانوي نالا
پر تو ۾ هڪ شيءِ ڪانهي
سا آهي انسانيت!

جهڙ تيو مينهن تو وسي سائين
ڪوئي دل منهنجي تو ڪسي سائين

پل چوي پوءِ چنڊ کي سهڻو
پهرين منهنجو پرين پسي سائين

پٽڪي پٽڪي مان واٽ لهندس نيٺ
مون کي ڪوئي نہ ڪجهہ ڏسي سائين

ڪهڙي امرت جي آ طلب ان کي
تنهنجي چپڙن تي جو رسي سائين

هن حياتيءَ تي پروسو تي ويو
پيار جي ئي تہ پروَسي سائين

نيڻ تہ نيل ڪمل
آلا ماڪ پنل
شيمپو، وار ڪٽيل
پنبٽيون مٽي وريل
سرخي، چپ چميل
لج ڪان ڳاڙها ڳل
چڙ ڪو روج لڳل
گل جان ٿهڪ ٽڙيل
ڇاتيون، ڇلندڙ جل
تون مان مينهن اُٿل
ساوا گاهہ ڦُٽل
ڳاڙها گل ٽڙيل
ڏاڍا رنگ رتل
ڏاڍي موج متل
ڪنوٽين ڪيج ڪيل
هينئين هيج اُٿل
من ۾ موج متل
دل ۾ درد دبيل
پريت جا پيچ پيل
تون ماٺ مُٺل
اڪڙين ڳالهہ ڇيل
جڳ ۾ هُل متل
اهڙا پيارا پل
اهڙا سُرها پل

## سچ وهي ٿو دريا وانگر

سچ وهي ٿو دريا وانگر
سچ وڌي ٿو
۽ پکڙي ٿو
گونچ ڪڍي ٿو - گل ڏئي ٿو
رَسجي ٿو ۽ ميوو ٿئي ٿو
سچ وهي ٿو دريا وانگر
پر ڪنهن سمنڊ ۾ نه ڇوڙ ڪري ٿو.

سچ هر دؤر ۾،
۽ هر جاءِ تي
هڪجهڙو ناهي
سچ بيٺل پاڻي ناهي
ڪالهوڪو سچ جو ٻوٽو
اڄ وڌي وڻ ٿي ويو آهي
ان ۾ جيڪو ڪالهه نه هئو
(گونچ، گل ۽ ميوا)
سو اڄ آهي.

ڪالهه چيو جيڪي مون
سو اَڄ اَڻپورو آهي.
سچ وڏي ٿو ۽ پڪڙي ٿو،
پر هروقت اهو
اڻپورو آهي -

سچ وڏي ٿو ٻار جيان
جوان ٿئي ٿو -
پر هو پوڙهو ڪين ٿئي ٿو -
۽ نہ مري ٿو -
سچ سدا اڻپورو
سچ سدا بهار
سدا جوان
سدا حيات!

اُنهيءَ رات ڏاڍو گهٽو پي ويس مان
سنڌءِ گهر جو رستو ٻہ ڀلجي ويس مان

ڦري وئي جي تنهنجي نظر، مان رسي پيس
جي مون ڏي نهاريئہ تہ پرچي ويس مان

نہ مون کي خبر هئي تہ چاهي جواني
۽ توسان ملڻ کان پو سمجهي ويس مان

هي ماڻهن جو جهنگل ڪندا ڪرڙ ماڻهو
رهڙجي ويس مان ۽ ڦٽجي ويس مان

بنان منهنَ جي ماڻهو - سڃاڻڻ بہ مشڪل
الا ديس ڪهڙي ۾ اڙجي ويس مان

جي اندر جو احوال چاهيو لکڻ مون
قلم مثل " تنوير " گهڙجي ويس مان.

نہ ڪو مان خدا ۽ نہ ڪو مان رسول
مان تنوير آهيان پوان شل قبول

نہ ڏاهيان نہ ماريان، نہ ساڙيان ٿو مان
محبت ڪرڻ آهي منهنجو اصول

لھي ڪين ٿو عشق اُپي مان ڪڏھن
دلين مان محبت جو ٿئي ٿو حصول

لٿا ڪن مٿان آسماني ڪتاب
۽ مون تي محبت جو ٿيو آ نزول

نہ وسري سگھي ٿي ڪڏھن ياد سا
آھا جل پري، مان ۽ سوئمنگ پول

اڇو اي شيخ تہ هڪبئي سان اڄ نباهہ ڪيون
اوهان ثواب ڪيو ۽ اسان گناهہ ڪيون

اوهان قرآن پڙهو ۽ اسان ڪتاب لکون
اوهان خدا سان اسان عشق سان نباهہ ڪيون

جڏهن اوهان جو سمورو عمل آ خودبيني
اسان ڇو واهہ ڇئون ۽ اسان ڇو آهہ ڪيون

نہ دوستن ۾ وفا ۽ نہ دشمنن ۾ دغا
ڦٽايون ڪنهن سان پلا ڪنهن سان نيٺ ٺاهہ ڪيون

## مستقبل ڏي

منهنجو پٽ ۽ منهنجون ڌيئون
آلو ڏيئي مون کي
وٺي وڃن ٿا
مستقبل ڏي

## اچو تہ ڳايون

اچو تہ ڳايون
اچو تہ ڳايون
اچو تہ گڏجي ڳايون
اگر اڪيلا ناهيون
پوءِ ڇو
هيڪل هيڪل ڳايون!

تانَ هٽان مان
جتي ڇڏيان مان
اتان مٿي تون ڪڻ
جتي ڇڏيان مان پنهنجو پلئو
اتان وٺي تون هڻ.
ساهہ منجهي جت منهنجو، تون
ان جاءِ کان اڳتي هل
ڄمي پوي محفل.

سيئي اڪيلا - ڪونہ اڪيلو
سڀ جو پنهنجو ويلو
تنهنجي لاءِ اڪيلائي آ
جيڪو ڳائي اڪيلو

جنهن جي سرگم ۾ سڀ شامل
سوئي ڪامل
هڪڙي سُر سان راڳ نہ ٿيندو
سُر جو سُر سان سنگ ڪپي
سرگم ۾ آهنگ ڪپي.

## تاريخ هلندي ٽي وحي

تاريخ هلندي ٽي وحي
اڳتي - سدا اڳتي
ازل کان هوءَ اڳتي ئي هلي آهي
۽ اڄ تائين بہ اڳتي ئي هلي ٿي
۽ اڄ کان پوءِ بہ اڳتي ئي پئي هلندي
ابد تائين
اگر تاريخ جو ڪو ابد آهي -
(مگر تاريخ جي بيهڻ جو نقطو ڪوبہ ناهي)
رڳو هڪڙوئي ڏس تاريخ کي آهي
نہ ڪو ساڄو نہ ڪو کاٻو
نہ ڪو پٺتي
رڳو اڳتي رڳو اڳتي!
اوهان اڳتي وڃو
بيهي رهو
پٺتي هٽو
مگر تاريخ پنهنجي ڏس ۾
اڳتي - ۽ اڃا اڳتي - اڃا اڳتي پئي وڌندي
سدا وڌندي ئي رهندي، جو
انهي جو ڪو ابد ناهي
انهي جو ڪو ابد ناهي!

**اوهان جيڪي هڪ‌ٻئي کي چاٺو سچاٺو**

اوهان جيڪي هڪ‌ٻئي کي چاٺو سچاٺو
اوهان جيڪي هڪ‌ٻئي کي سمجهي سگهو ٿا.
اوهان جيڪي هڪ‌ٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهي ۽ نهاري سگهو ٿا

اوهان گڏ ٿيو
نهاريو اوهان هڪ‌ٻئي جي اکين ۾
۽ پنهنجي هٿن ۾ جهليو هٿ انهن جا
جي هڪ‌ٻئي کي چاٺن سچاٺن.
خبر ناهي هن ڪان پو
هڪ‌ٻئي کي چاٺڻ سچاٺڻ به مشڪل ٿئي -
هٿ ملائڻ به مشڪل ٿئي
۽ هڪ‌ٻئي جي اکين ۾ گهوري
نهارڻ به مشڪل ٿئي -

اوهان جيڪي هڪ‌ٻئي کي چاٺو سچاٺو
اچو
هڪ‌ٻئي جي هٿن ۾ ڏئي هٿ
۽ اکين ۾ اکيون وجهي
ڏسو وقت ڇا ٿو ڪري
وقت ڇا پيو ڪري
پوءِ به هٿ پنهنجا هوندا مليل
۽ اکيون پنهنجون هونديون سدا اٽڪيل

## **گڏ ٿيو**

گڏ ٿيو گڏ ٿيو
جي مرون ته گڏ مرون
۽ جيئون ته گڏ جيئون
ڪجهه ڪريون
۽ جو ڪريون ته گڏ ڪريون

ڪيچ مان ڪٽا بچيا
گهٽا بچيا ـ ؟
بچيا جي تن مان ٿيندا ڪيچ
هي ڪٽا جي ٿورا ته به
گهٽا گهٽا
گهٽا گهٽا

هونءَ ته جَلوَن جي هردم تو جوت جلائي آئينو
پنهنجي ليکي هڪڙو پي ڪرڻو نه اپائي آئينو

سِڀن حسينن جي اکين سان اکيون ملائي آئينو
جي هو شرمائن تا خود پي تو شرمائي آئينو

هر ڪنهن جي اوگهڙ ڪي تو هوان جي آڏو پيش ڪري
سڀ ڪجهه آڏي رکي تو آڏو ڪجهه نه لڪائي آئينو

ميڪ اپ وقت تو رنگ روپ جو جادو لائي آئينو
رات جو اوندهه ۾ تو انڌن جان پچتائي آئينو

ڳالهائڻ واري جي آڏو هردم هي آهي گونگو
چپ پي چوري تو پر ڪين سگهي ڳالهائي آئينو

شيش محل ۾ هڪ ڏيئي سان جڳ مڳ لائي آئينو
چمڪڻ واريءِ شيءَ کي تيئن ئي وڌ چمڪائي آئينو

## هوا

هوا ـ آواز سان پريل
هوا ـ سرهاڻ سان پريل
هوا ـ خنڪيءَ سان ٽلندڙ آ
هوا ـ لهرن سان لڏندڙ آ
هوا ـ آواز ۽ سرهاڻ ۽ ٺڏڪار ۽ خنڪي
هوا ـ ساڳي هوا طوفان ـ واچوڙو
۽ لُڪ ۽ لُوءَ ۽ جهولو
سڪل پيلن پنن سان پُر
وڏي ڪنهن شور سان پريل
وڏي طاقت وڏي قوّت
جا سمنڊن کي تي ڇاڇولي
وڻن کي جا پٽي پاڙؤن
هوا ـ جا روح منهنجو آ
هوا ـ جا ساهه منهنجو آ

**تو سوا جيون**

تو سوا جيوَن ائين آ بي مزي
اڻ ڇڪيل ڄڻ تار يڪتاري جي ڪا پئي وڄي
جڻ تہ ڪا پاروتي ماني
ڪِير ڄڻ ڪوئي ڪريل
يا تہ ڪنهن شهڪار تي آ چانهہ هاريل
پير ۾ ڪوڪو چڀي ٿو ڄڻ تہ ڪو نئين بوٽ جو
يا ڪوئي نئون سوٽ
سگريٽ جي ڦلي سان پئي سڙي
يا نئين ماڊل جي گاڏيءَ ۾ پيل ڪو ڏينٽ ـ
ڄڻ ڪو داغيل انب
تو سوا جيوَن ائين آ بي مزي ـ

نہ ڪي بيت مون وٽ نہ ڪي آيتون
رڳو پيار ۽ پيار جون ساعتون

رهياسين سچي عمر معصوم تہ بہ
اسان تي لڳيون عشق جون تهمتون

نہ ڪي صورتون ۽ نہ ڪي مورتون
نہ ڪي جَلوتون ۽ نہ ڪي خلوتون

اسان طورسينا اکين تي رکيو
نگاهن کي ڏيو ڪي ٻيون دعوتون

اوهان چپ ڪري دل ۾ ويهي رهيئو
۽ هر هنڌ اوهان کي سڏيندا وتون

اسان جي محبت ڪندي معجزو
نہ رهنديون اهي نفرتون نفرتون

ٻيهر جي وڻن جان اسان جو جيئڻ
۽ مانجهاندڙين جان سندن قامتون

هر پاسي مونجهارا
ڪوريئڙن جا چارا

مند سرءُ جي پوءِ پي
جهومن ڪنگو ٽارا

بمباريءَ جي پويان
ڳجهن جا لامارا

پاڙ ۾ ڪيئن ڳالهايون
گهٽي سڃي ٽاٽارا

پوپٽ گل تان اڏريو
وڇڙياسين ايئن پيارا

ڪاڏيءَ ڪپ تان صدقي
ماٺو مرڪڻ وارا

نڪتي لڙڪن ڌارا
دل درياهه ۾ گهارا

اهو ٻڌايون ڪيئن تنوير اسان کي هو ڇو ياد رهيو
هڪڙو ماٺهو پيارو ماڪيءَ جهڙي رنگ جو ياد رهيو

پي ايڏو مدهوش ٿياسين جو سارو جڳ وسري ويو
تڏهن بہ تنهنجو نانءُ ۽ تنهنجي گهر جو رستو ياد رهيو

ڇُگهہ ٻڳن ۾ ڪاڏيءَ ۾ ڪپ اکڙيون ڪجليون پنيا وار
جيون پر هڪ سهڻو ۽ من مهڻو چهرو ياد رهيو

دل درياهہ ملي مون کي اٿهوند جا پي انبار مليا
مون کي پنهنجي قسمت جو هي ظالم چرچو ياد رهيو

مندون موٽيون ڏينهن نہ موٽيا جي توسان گهاريم الطاف
هاٺي پڇتايان ٿو مون کي وقت اهو ڇو ياد رهيو

اسان اوهان کان وسري وياسين ان تي ناهہ تعجب ڪو
ڳالهہ عجب جي آهي اوهان کي شعر اسان جو ياد رهيو

## هي لنوائيندڙ گهڙيون

هي لنوائيندڙ گهڙيون
۽ وڌين مان آڳرين جي کسڪندڙ واريءَ جان وقت
هي سنجها جي روشنيءَ جان موڪلائيندڙ سمو
سمنڊ جان اڻ کٽ ۽ اسرارن سان ڀريل
پر ڪنارو ان جو واري
جنهن مٿان لهرون ـ سڪل، ساڪت ۽ جامد
جن ۾ ڪا چرپر نہ ڪائي زندگي.

تون نہ گهڙين جان لنواءِ
منهنجي دل کي تون نہ گهاءِ
تون سنجها جي روشني ناهين
جسم تنهنجي جا وراڪا
ريت جي لهرن جان ساڪت ڪين آهن
تون نہ منهنجي دل کي گهاءِ
تون نہ گهڙين جان لنواءِ !

**سينواريل تلاءُ**

هيءُ هڪ تلاءُ
جنهن تي واءُ
گهُنج پيي نه ٿو وجهي
سائي سينور آهي جنهن جي سطح ڍڪي ڇڏيو
صاف ۽ شفاف سطح سائو سائو ٿي ويو.
جُڳ جڳن جا ٿي ويا
نه لهر ڪا نه ڪو لڏڻ
موت مثل چپ رهڻ
نه ڪو چُرڻ نه ڪو پُرڻ
نه چمڪدار سطح جنهن ۾ منهن ڪوئي ڏسي سگهي
روز صبح ٿئي ٿو پر شفق جو رنگ
هن ڪي سون ڪين ٿو ڏئي سگهي
ستارا روز چمڪندا رهن مگر نه عڪس ڪو ـ
اهو تلاءُ آ انڌو.
چنڊ پيي چڙهي اچي
تڏهن به هن ۾ لهر ڪانه ٿي اٿي
جيڪا چنڊ ڏي وڌي
ٻار ڪو پٿر هٽي
وَاءُ ڪو ٽِڪو لڳي
۽ هي سبز رنگ سينور آهي جو
جُڳن جو جهل
هڪ دفعو ڇجي پوي
۽ تلاءُ، هي انڌو تلاءُ، صاف ٿئي
شفاف ٿئي
ان ۾ پاڇو چنڊ جو تري.

**موتي چو تي پائين**

موتي چو تي پائين
تنهنجي اکين ۾ موتين کان وڌ جرڪو
موتي کي چو تي شرمائين
موتي چو تي پائين

سرخي چو تي لائين
سرخي کان وڌ لالي تنهنجي لبن ۾
سرخي کي چو تي شرمائين
سرخي چو تي لائين

ريشم چو تي پائين
ريشم کان وڌ نرم سنڌءِ بت
ريشم کي چو تي شرمائين
ريشم چو تي پائين

## انالحق حق

حق حق انالحق حق انالحق حق انالحق حق
هٽو دوئيءَ کي ڏک، انالحق حق انالحق حق

تون ٻوڙي ٻوڙي مون ڏي اچ چوان ٿو سچ انهي تي نچ
انهي ۾ ناهي ڪوئي شڪ، انالحق حق انالحق حق

محبت جا تون خيما کوڙ، ٻيائي ٻوڙ دلين کي جوڙ
دوئيءَ کي هڻ تون هڪ ئي ڏک، انالحق حق انالحق حق

سيئي مشرب منهنجا آهن، مذاهب مون آڏو ڇاهن
نہ آهي منهنجو ڪو مسلڪ، انالحق حق انالحق حق

اسان وٽ پيار رڳو آ پيار اسان سڀ نفرت کان بيزار
ڪري وٽ پڪ ڪري وٽ پڪ، انالحق حق انالحق حق

ٻيائيءَ جا ڍينگا ڍاهيون محبت جون ماڙيون ڻاهيون
لنگهي ويندا سين هرهڪ لڪ، انالحق حق انالحق حق

نہ ڪا حور گھرجي نہ ڪا ئي پري
اها ئي ڪپي جا ڪري دلبري

تجليءَ ۾ گرمي تجليءَ ۾ نور
تجليءَ سان ليڪن پئي دل ٺري

سَري ويئي ليڪن وڏي ڪرب سان
اوهان کان جدا ٿي گهڙي جا سري

ڪڏهن ميٺ پي آهي ويندي ڄمي
ڪڏهن پهڻ پي آهي ويندو ڳري

ڏنس تو ڀري پيار جي هڪ نظر
۽ ”تنوير“ ان ئي گهڙيءَ پيو ڪَري

**هيءَ ڌرتي**

هيءَ ڌرتي آ سخي
هيءَ ڌرتي آهي بخشڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي پالڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي جڳ ڏاتار پي
هيءَ ڌرتي آهي سرجڻهار پي

هن وٽ ڪٽي مان ڪيچ ٿئي
داڻي منجهان انبار ٿئي
ڏهہ دنيا ۽ ستر آخر
هيء تہ دنيا ۾ ئي ستر ڪان بہ وڌ تي موٽ ڏئي

هيءَ ڌرتي آ سخي
هيءَ ڌرتي آهي بخشڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي پالڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي جڳ ڏاتار پي
هيءَ ڌرتي آهي سرجڻهار پي
هيءَ ڌرتي ٿي چوي -
مون ۾ پوکيندو اوهان جيڪو بہ
ان جو مان سئوڻو ڦل اوهان کي ڏيندس
اڻ ميو موٽائيندس

پاڻ وٽ ڪجهہ پي نہ رکندس
اڻ ميا انبار ڏيندس
هر مند ۾ هر بار ڏيندس
پر نہ مون ۾ پوکجو
نفرت جو ٻج
پر نہ مون ۾ پوکجو
نفرت جو ٻج!

سڪي وڃن نہ متان ياد جا ڪنول نازڪ
ٻہ لڙڪ هاري وري اڄ پرينءَ پچار ڪيو

جو زخم ڀرجي نہ سگهجي اهو ڀلي رسجي
اکين جي آب ڪي ان جي متان نثار ڪيو

هوا آ خشڪ فضا ۾ نہ آهي ڪا سرهاڻ
غمن ڪي نشر ۽ دردن ڪي آشڪار ڪيو

چڱو ٿيو جو پيا زخم جا ٽٽي ٽاڪا
بهار ناهي تہ زخمن سان ئي نکار ڪيو

(پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾)

سڌ پڙاڏو هڪ تي ويا
اس ۾ پاڇو هڪ تي ويا

سايا سپنو هڪ تي ويا
عڪس آئينو هڪ تي ويا

مايا ڇايا ڪانہ رهي ڪا
سمنڊ ۾ ٻوڙيو هڪ تي ويا

وچ ۾ ڪونہ رهيو ڪو وسيلو
سُر ۾ سُرندو هڪ تي ويا

جي آ هالار پوءِ ٻہ ڪاڇو آ
رات ڏرتيءَ جو پنهنجو پاڇو آ

جيڪو ناهي اهو پلا ڇو ڪين
جيڪو جيڪو ٻہ آ پلا ڇو آ

ڪر سندن احترام قاضي شهر
دردوندن جو پنهنجو درجو آ

اهي سنجيدهہ ڪيئن ٿي سگهندا
زندگي جن جي لاءِ چرچو آ

مان چوان ان ڪي عڪس تو سَڌَ جو
تون چوين تو اهو پڙاڏو آ

**هائيڪو**

ناهي ڪجهه بہ وڌيڪ
اڏري جيٽ پلين ويو
هيءَ دونهين جي ليڪ

---

حويلي نالو
پٽ ڪوٽ جي پئي ڪري
پوءِ بہ لڳل تالو

---

واتون سپ ٻُسيون
ڪاري اس ڪاڙهو تتو
ڪرڙن منجهہ پُسيون

مون کي هر وقت پلا ائين چو لڳندو آهي
پاڻ جڻ اصل ۾ هڪ وڻ جون ٻه شاخون آهيون
پاڻ جڻ پنکڙيون هڪڙي ئي گل جون آهيون
دور هوندي به ڪوئي پنهنجو چو لڳندو آهي
مون کي هر وقت پلا ائين چو لڳندو آهي

ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪو درياهه هئو
تون ۽ مان ان وڏي درياهه جون لهرون هئاسين
اوچتو اوچتو ٻئي هڪ ٻئي کان وڇڙي وياسين
لڳو طوفان ڪو اهڙو جو پتو ڪين پيو
ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪو درياهه هئو

ائين ٿو ڀانئجي جڻ اپ ۾ هئاسين ٻه ڪکر
ڪا هوا تيز لڳي ۽ ٽڙي پکڙي وياسين
نه ڪٿي چانوَ ڪئي سين نه ڪٿي برسياسين
درد جي جهنگ ۾ گم ٿي وئي جڻ راهگذر
ائين ٿو ڀانئجي جڻ اپ ۾ هئاسين ٻه ڪکر

اهو سيڪجهه ٿو لڳي دل سان مگر دل نه مڃي
ته وڇوڙو اهو آهي ڪو ابد تائين فراق
جلد ئي جلد کلڻ وارا آهن دل جا طاق
وقت بس چاڻ ٿو وچ وارا سيئي بند پڃي
اهو سيڪجهه ٿو لڳي دل سان مگر دل نه مڃي

مون ته ڄاتو آهو هر ويل - ۽ تو چا ڄاتو
تون به ائين سوچين ٿو جيئن مون پئي سوچيو آهي
تون به ائين چاهين ٿو جيئن مون پئي چاهيو آهي
مون سان ته تو نينهن به مون جهڙو ئي آهي لاتو
مون ته ڄاتو اهو هر ويل - ۽ تو چا ڄاتو

**(موتي پرڪاش جي ڪراچي اچڻ تي)**

# ڪيڏارو

(داستان پنجون)

جي مارڳ منجهہ مئا تن جو طالع چا پڇو
واريءَ منجهہ ڪنول چڻ اوندهہ منجهہ ڏيئا
ٻهہ ٻهہ ڪري ٻريا جرڪي سارو ديس ويو.

مئا جي مارڳ تن جو طالع چا پڇو
ريٽو تن جي رت سان آزاديءَ جو دڳ
جوت سدا جڳ مڳ جهڪي تئي ڪينڪي

مرن مارڳ منجهہ گولين سان پرڻ جڻو
نہ ڪا دانهن نہ ڪوڪ آ نہ ڪا ڪنجهو ڪنجهہ
گوليون سيني منجهہ تہ بہ نعرا هٽن نينهن جا

واڍوڙڪي منهين ناهي ڪنجهو ڪنجهہ
هتي صبح سنجهہ نعرا لڳن نيهن جا

ها، ويريءَ ڪان وير وٺو آهي جلد ۾
سنجها تيندي تي وچي وجهبي هاڻ نہ دير
متان تئي اوير پير نہ ويريءَ جو ليي

ويري تيو ڪيري اَسان ساڙيو مچ ۾
ڍرو تيو ڍرڪي پيو ۽ تي پيو ڍيري
جيئن ڪَئي ڦيري پڪي ڪِري بندوق سان

هيءُ واريءَ جو ڪوٽ ۾ هوءَ مکڻ جي ماڙي
پرندا ائين جيئن تهي وحي تاڙيءَ سان آڙي
ڏيئي اماڙي ساڙيو جهوني ڪوڙ ڪي

لڪي ۾ لڙو، لڙي ۾ لڪي ويو
سيڪنهن سان ساٿيهه آ ڪوئي ناهه چڙو
اهو ڪوٽ ڪڙو باقي تورا ڏينهن آ

لڪي وار ڪيو، وار ڪري ويو لڪي
هن تي قهر ڪيو، ڪهل نه ويريءَ تي روا

ويريءَ ساڻ وڙهي آيو جنهن جو ڪانڌ آ
سا وني گل گلاب جيئن آهي پَئي ٽڙي
سرتيون سپ مڙي ڏين مبارڪ ان کي

ويرين کي ماري جيڪو مرڪي آئيو
سرتين ساٿاري مرڪي تنهن جي ماءُ تي

پاڇوڪڙ جي پيڻ ويٺي روئي ڪنڊ ۾
مڙي ڪري سرتيون ويٺيون ڏينس ويڻ
تي نِوڙائي نيڻ اکيون ڪٽي ڪينڪي

ڪين سڏائيندي ڪڏهن ڪا ڪانئر جي ماءُ
پٺ تي ايندس تاءُ الي ويندي لوڪ ۾

وڙهن ۽ وهسن آئون گهوري تن تان
ويهي مورچن مان ٺاٺا ٺڪ ٺڪ ڪن
دشمن کي بي درد تي مارن ۽ مرڪن
منهنجيون اکيون ٺرن جي آءٌ ڏسان تن کي

چيلهه ۾ گولين جو پٽو ڪلهي تي بندوق
اکيون ٽاندن جيئن ٻرن ۽ منهن لال سچو
منهنجو پرين اهو، سولو سڃاڻڻ سڀ لئه

سنڌ نه سکي ٿئي آءٌ ڏهاڳڻ ئي چڱي
نياڻيون سياڻيون تن جو ونگو وار نه ٿئي
منهنجو ننڍڙو پٽ جو، ٿي آزاد جيئي
ڏولائو جو ڏيهه تي اهو شال لهي
منهنجو ڪانڌ مري ماري موذين جو هزار

مڪڙ جو چاڙهو آهي منهنجو سڀرين
دشمن جي لاءِ آهي پر هيري جو داڻو
ڪڏهن نه ٿئي ساڻو هٿ وڙهي جو ويڙهه ۾

اسٽين گن ڪٽي ورديءَ ۾ آيو ڪوڙ
سچا سچ ڏٺي هٿين خالي پيي سگها

**(ٺوڙهي واري واقعي تي)**

# فرينچ شاعريءَ جا ترجما

**لاٽ**

آءٌ اَڪيلَائيءَ ۾ ئي پنهنجو آڪيرو ٺاهيندس
جبلن جي اُوچائيءَ ۾
ٽڪرين جي اُونهائيءَ ۾ ئي
مان پوڙهو ٿيندس.

منهنجي من جي باهه
آسمان ڏي اڏندي
جنهن جي لاٽ کي
ڪو پيو واءُ، ڪوئي پيو واچوڙو،
سگهندو ڪين ڏڪائي.

ايئن نه چئجو منهنجا رفيقو
ته آءٌ اوهان کا ويس ڦري
ايئن نه پائنجو منهنجي پيڙا
منهنجي لئه آ اوپري.

اوهان جڏهن پيو ڪٿندؤ ڪنڌ
ڏسندؤ هڪڙي لاٽ
جبل جي چوٽين تي ٻرندڙ.

اوهان سوچيندؤ
اها اوهان لئه ڪنهن ٻاري آ
نيٺ سمجهندؤ اوهان
آءٌ اتي آهيان -
ترسيل -
اوهان جي پيار جي لاءِ .

**(ايم - ايم - ديوي)**

**سرءَ جو گيت**

ڊگها سڏڪا
سرءُ جي
وايولن جا
ڦَٽِن دل کي
هڪ ڪري
ڏين سُستي
گهٽيندي ساهه
ڪن زخمي
جڏهن گهڙيال
هٽي ٽڪاءُ
اچن ٿا ياد
گذريل ڏينهن
مان روئان
ڪٽي مون کي
خزان جو وَاءُ
سرءُ مند سان
سڪل پن جان
وڃان اوڏانهن!

**پال ورلئين**

**وسڪارو**

ڳوٺ مٿان جيئن مينهن وسي ٿيئن
منهنجي دل تي وسڪارو
سا آهي ڪهڙي ڳٽتي
پيهي ويئي جا دل ۾ يارو

ڏرتيءَ تي ۽ ڇتين مٿان
او مينهن سندا منڙا آواز
هڪڙيءَ دکيل دل جي خاطر
وسڪاري جو هڪڙو ساز!

مينهن وسي ٿو بنان سبب جي
ان دل تي جا آهي ستايل
جنهن جو ڏک آ بنان سبب جي

درد پراڻو آهي چڱو
جيڪو آهي بنان سبب
بنان محبت ۽ ري نفرت
منهنجي دل ۾ ايڏو درد.

**(پال ورلئين)**

**منهنجو عجيب خواب**

ڏسندو آهيان اڪثر هڪڙو عجيب چيندڙ خواب
اڻ ڄاتل عورت جو، جا پيار ڪندي آ مون سان،
جنهن سان پيار ڪندو آهيان مان
جيڪو هوءَ ڪندي آ، ايئن ٻي ڪابہ ڪندي آ ڪين
مان بہ هن کي ڄاڻيندو آهيان، هوءَ بہ سمجهندي آهي مون کي
ڄاڻيندي آهي هوءَ سندم شفاف اندر کي
فقط اهائي آهي جنهن تي ختم ٿين ٿا سارا سوال
فقط اهائي آهي جنهن لئہ آلو ٿيندو آهي نرڙ
(پگهر سان)

هوءَ پوري آ، ڪاري يا سانوري، ان سان ناهي مطلب
هن جو نالو ڇاهي نہ ڄاڻان، پر پڪ ئي مٺڙو هوندو.
هن جي نيڻ نهار جئين ڪا نيڻ نهار بتن جي
هن جو آواز آهي ڏاڍو مانو ۽ گنڀير
جنهن ۾ مليل آهي ميٺاج.

**(پال ورلئين)**

**تنهنجا ايترا خواب ڏٺم**

تنهنجا ايترا خواب ڏٺم ، جو
تنهنجي ساپيا گم ٿي وئي آ

اجا به وقت آهي، جو تنهنجي
حقيقي جسم کي ڇهي سگهان
تنهنجي چپن ۾ چمي سگهان
مٺڙا ٻول جنم وٺڻ وقت -
ٻول جي مٺڙا آهن مون لئه.

تنهنجا ايترا خواب ڏٺم ، جو
پاڇولي کي پاڪر پائي
پنهنجي ڇاتيءَ لَائڻ تي،
منهنجون ٻانهون ويون هِري،
تنهنجي جسم جي هرڪ موڙ
۽ لاهيءَ چاڙهيءَ کان ويو هان
واقف ٿي.

ساپيا کان اڳ ۾ ئي مون کي
تنهنجو سپنو وڪوڙي ويو
مان پي ٿي پيس پاڇولو.

**(رابرٽ ڊيسنو)**

او جذبات جي تارازي
تنهنجا ايترا خواب ڏنم ، جو
جاڳڻ ناهي مناسب مون لئه
بيٺي بيٺي آهيان ستل
۽ منهنجو جسم آهي ڪُليل
حياتيءَ لاءِ، محبت لاءِ، تنهنجي لاءِ
هڪ تنهنجي ئي خاطر
جنهن جا چپ ۽ جنهن جون پروون
ڇهي سگهان تو آءٌ
تنهنجا ايترا خواب ڏنم
تو سان خوابن ۾ ڳالهايم
گڏ گهميس ۽ پيار ڪيم
تنهنجي پاڇولي ڪي
هاڻي مون ڪي گهرجي
پاڻ به هڪ سپنو، هڪ پاڇولو بڻجي
پاڇولن ۾ پاڇولن سان
تنهنجي جيون جي
سورج گهڙيءَ تي آءٌ گهمان.

**(رابرٽ ڊيسنو)**

## ڪپڙا لاهه

ڪپڙا لاهه
هن ڪاري ٻاٽيءَ ۾ وهنج
ڪابہ ڏڄڻ جي ڳالهہ نہ آهي
اڳي بہ تو ايئن آهي ڪيو
ماٺهوءَ جو بت اسفنج ناهي جيڪو ڇُهي وڃي پاٽي
سج سڪائيندو گپ کي
ساري مٽي ويندي ڇٽي
وهنج
وڃ اوڏانهن
ڌرتي آهي وشال
ان جان تنهنجي دل ۾
جنهن ۾ احتساب ڪان پوءِ ٻي
ڪائي خامي ڪين لڌي
ان ۾ ڪڏهين ٻي گپ ڪين گهڙي .

**(رابرٽ ڊيسنو)**

## رستي جو رَاڳ

تون ـ جنهن کي آءٌ گهمَائڻ وٺي وڃَان ٿو
هيئن سمجهَان ٿو،
هلڪو ۽ عالي شان
آهي سندءِ سامان
عالي شان سندءِ صورت جان
ـ هلڪو تنهنجي عمر مثال
ڏاڍو سرَهو آهي سفر

**(پال جيرالدي)**

## پيائي

مٺڙا تون مون کي سمجهاءِ
ايئن ڇو چوندو آهين
" منهنجو پيانو " " منهنجا گلاب "
ڪئي پيرا توکي ايئن چوندي ٻڌو اٿم
" هيءَ شيءَ منهنجي پئسن جي آهي "
" مان هوءَ شيءَ خريد ڪرڻ ٿو چاهيان "
جيڪو منهنجو آهي سو آهي تنهنجو!
پوءِ اهي سڀ ڳالهيون ڇو
منهنجو تنهنجو، تنهنجو منهنجو؟
جي تون مون کي پيار ڪرين ٿو
چوندو ڪر: " ڪتاب، پستا
۽ گل گلاب اسان جا "

**(پال جيرالدي)**

## گفتگو

فطرت هڪڙو مندر آهي جنهن جا جيئرا ٿنڀا
ڪڏهن ڪڏهن ڪا منجهيل منجهيل ٻولي ڳالهائين ٿا
اهيائن جي جهنگل مان جي ماڻهو ڪوئي لنگهي ٿو
هو ان ڏانهن سڃاتل گهورن ساڻ نهارن ٿا

ڏگهن پڙاڏن وانگر جيڪي دور ڪان رلجي ملي وڃن ٿا
ڪنهن پاڇولن واريءَ ۽ ڪنهن اُونهيءَ وحدت ساڻ
جنهن جي وسعت رات جيان يا جوت مثال آهي
سُرهَاڻيون ۽ رنگ جتي هڪٻئي سان ڳالهائن ٿا

ڪي سرهاڻيون ٻارن جي جسمن جان آهن تڏڙيون
ماکيءَ وانگر مٺڙيون آهن، باغن وانگر سايون
۽ ٻيون آهن ڪَريل، اُچيون ۽ آهن سوڀاريون

سڳند جنهن کي لاحد جي وسعت حاصل هوندي آ
انبر جان ۽ مشڪ مثال ۽ لوبان مثل سڳند
ڳائيندي آهي جا راڳ حواسن جا ۽ من جا.

**(چارلس بودليئر)**

پورو ٿيو

هي ڪتاب

www.tanveer-abbasi.org

تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو